**ڊاڪٽر شير مهراڻي**
اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي

# شاهہ لطيف وٽ امن جو عالمي فلسفو

# PHILOSOPHY OF PEACE IN THE POETRY OF SHAH LATIF

**Abstract**

Peace is a basic element to survive the life process properly. Where life needs nutrition, clothing and shelter there life also needs the peace and tranquility. Peace is one of the highest human values. Peace is basically the dearth of conflict, aggression, violence and war. Through histories all kind of Violence, war and hate are rejected but as things may happen, so history of war and violence is also written with the blood and swards. But it is also fact that sensible and sagacious persons have always condemned the war and violence. To oppose the conflict is actually to serve the peace and tranquility. Persons have always served for peace with nature and God to peace with oneself and other than oneself.

In this research article it is tried to explore the concept of peace in the poetry of Shah Latif. Shah Latif have depicted all the four kinds of peace in his poetry which are known as; *the peace with God, Peace with the universe (world of existence), Peace with one's self and the Peace with others*. In this research paper I have focused on all above through the poetry of Shah Latif.

امن جو لفظ ذهن تي ايندي ئي هڪ شغفتگيءَ جو احساس اڀري اچي ٿو. ازل کان وٺي انسان رزق ۽ روزيءَ کان پوءِ جنهن شئي کي گهڻو تلاشيو ۽ ڳولهيو آهي، اهو امن آهي. ڇاڪاڻ تہ جتي بہ خوشحالي هوندي هئي، رزق، روزي گهڻي مقدار ۾ هوندو هو، اتي ڌاريا حملو ڪندڙ ڪاهہ ڪري ايندا هئا ۽ اناج وغيره ڦري ويندا هئا. دنيا ۾ سڀ کان پهريون جنگيون اناج ۽ کاڌي پيتي جي شين جي ڪري لڳيون هيون، بلڪ اڄ بہ اڪثر جنگيون وسيلن تي قبضو ڪرڻ ۽ انهن کي ڦرڻ لاءِ لڳن ٿيون. امن جنگ جو ضد آهي. جنگ جو تصور ذهن تي ايندي ئي هڪ بيچينيءَ جي لهر اڀري پوي ٿي، جڏهن تہ امن جو لفظ ذهن تي ايندي ئي فرد پُرسڪون ٿي وڃي ٿو. امن و امان، حفظ ۽ امان، حفاظت، تحفظ، محفوظ، پُر امن فضا، پُر امن ماحول ۽ پُر امن معاشرو يا ان

جهڙا ٻيا لفظ ذهن ۾ هڪ ٽانيڪو ۽ وڻندڙ تصور پيدا ڪن ٿا ۽ اهي اصطلاح هر ذي شعور جا آئيڊيل ٿي سگهن ٿا. انگريزيءَ امن لاءِ هي چوڻيون مشهور آهن :

"Peace at any price.", "The most disadvantageous peace is better than the most just war.", "Peace is more important than all justice.", "I prefer the most unjust peace to the justest war that was ever waged.", "There never was a good war or a bad peace.(1)"

مختلف علمن ۾ امن کي مختلف نمونن سان سمجهيو ۽ سمجهايو ويو آهي. ڪن امن کي سوشل ڪانٽريڪٽ سڏيو آهي. ڪن وري امن کي، "ذهني حالت" يعني مينٽل اسٽيٽ سڏيو آهي ته ڪن وري امن جا وڏيڪ چار قسم ڄاڻايا آهن.

1. Peace with God خدا سان امن
2. Peace with the universe (world of existence) ڪائنات سان امن
3. Peace with one's self پنهنجو پاڻ سان امن
4. Peace with others ٻين سان امن

مختلف مذهبن ۾ خدا سان امن کي هڪ امتحان ڪري سڏيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته خدا هڪ پڇاڙو ڪندڙ هستي آهي، پر ڀٽائيءَ ڏاڍو خوبصورتيءَ سان "خدا سان امن" واري استعاري کي تازگي بخشي آهي.

جيڪي مَنجهه جَهانَ، سو تارِيءَ تَڳي تُنهنجي،
لُطفَ جي لَطيفُ چئي، تو وَٽِ ڪَمِي ڪانَ،
عَدَلَ ڇُٽان آن نَہ، ڪو ڦيرو ڪِج فَضُلَ جو.

خدا سان مخاطب ٿيندي ڀٽائي چوي ٿو، 'جيڪي ڪجهه هن جهان، هن دنيا ۾ موجود آهي اهو تنهنجي ئي آسري ۽ سهاري آهي، تو وٽ امن، سڪون ۽ خوشيءَ جي ڪا به کوٽ ناهي، جيڪڏهن تو پڇاڙو ڪيو ته آئون آجو نه ٿي سگهندس ان ڪري منهنجا ڪريم رب پنهنجي فضل جو ڦيرو ڪجانءِ ۽ مون کي معاف ڪجانءِ.' انگريزي جي مشهور چوڻي پڻ آهي ته 'سڀني انصافن کان امن وڌيڪ اهم آهي'. "Peace is more important than all justice." ساڳي ئي ڳالهه ڀٽائي پڻ ڪري ٿو ته، 'آئون عدل يا انصاف سان آجو نه ٿي سگهندس مون تي فضل ۽ مهرباني ٿئي.' خدا کان امن، سڪون ۽ فضل گهرڻ ڪانپوءِ ڀٽائي بندي کي به تلقين ٿو ڪري ته، 'تون خدا کي ڇڏي ٻين جو ٻيلي، همراهه ۽ مددگار ٿي انهن کان مدد ٿو گهرين، تون ان ڪريم، رحيم ۽ رحمان جي ويجهو اچ جيڪو سموري جڳ جهان جو مالڪ ۽ والي آهي، يقينن اهو سک، سڪون ۽ امن سان رهندو، جيڪو پنهنجي پروردگار سان عشق ڪندو ۽ ان سان ناتو جوڙي رکندو.

چاکي وَڃِيو چو، ٻيلي ٽِئين ٻِيَن جو،
وَٽُ ڪَنجَڪَ ڪَرِيمَ جِي، جَڳَ جو والِي جو،
سَؤڪو هُوندو سو، جِنهن جو عِشقُ الله سين.

**شاهہ لطيف جي هن وائيءَ ۾ پڻ امن جي گُهر ۽ خواهش آهي،**

***ڪنڌِي سارِيان ڪانَ، يا اَمُن اَمانَ!***

يا اِلاهِي! ٻاجهہَ ٻِلاٽِي ٻائِيان.
ڳَڻَ ڳاٽيتو ناهِ ڪو، اَپر ٽِيا عِصيانَ،
يا الاهِي! ٻاجهہَ ٻِلاٽِي ٻائِيان.
سُڻُ سَٻاجها سُپِرِين! نَعَرو، نِگهبانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہَ ٻِلاٽِي ٻائِيان.
هِنَ مُنهنجي حالَ تي، هَئي هَئي ڪَن حَيوانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہَ ٻِلاٽِي ٻائِيان.
وينو ٻِني ٻِنڻو، ڪَرِ ٻيرو مٿي ٻانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہَ ٻِلاٽِي ٻائِيان.
خالِقَ تان خُوبُ ڪِيا، گولَنِ جا گُذرانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہَ ٻِلاٽِي ٻائِيان.
وِيرُ وَسِيلو آهيين، داڙُهَ ۾ دِيوانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہَ ٻِلاٽِي ٻائِيان.
اُتي عَبداللطِيفُ چَئِي، سُٽِج ڪا سُلطانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہَ ٻِلاٽِي ٻائِيان.

جيتوڻيڪ هو 'خدا سان امن'، عدل جو طالبو آهي. پر شاهہ لطيف عدل يا انصاف مان فرد جي جند نہ ڇٽندي ڏسي ان ذات واحد کي فضل جي درخواست ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ فرد جڏهن روحاني طرح سان خالي ٿي وڃي ٿو تہ هن کي رڳو هڪ ئي رستو نظر اچي ٿو ۽ اهو رستو کيس خدا سان جوڙي ٿو.

All humanity is seeking the answer to the confusion, the moral sickness, the spiritual emptiness, that oppresses the world. All mankind is crying out for guidance, for comfort, for peace. (2)

فرد جي ويڳاڻپ ۽ اڪيلائي کيس جتي پاڻ تي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي، اتي اهائي اڪيلائي کيس فطرت سان هم آهنگ ڪري ان سان لاڳاپا استوار ڪرڻ لاءِ آمادو ڪري ٿي. ۽ هو 'ڪڏهن سيپيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم' واري ڳالهہ ڪري ٿو تہ ڪڏهن وري چوي ٿو،

بوڙيين چاڙهيين تُون ڏٺي! ٻي جو دَعوي دَسي نَہ دَمُ،
هِنَ مُنهنجي حالَ جو، ميهَرَ تي مَعلَمَ،
رک پيلي جو پِرَمُ، جو اَچي پِيو اَجهورَ ۾.

’پيلي جي پرم‘ رکڻ جي گذارش بہ هو ان ذات کي ئي ڪري ٿو. آخر ائين بہ چوي ٿو تہ، ’جو بندو ڪم ڪري، سو مڙيوئي ڏوهہ‘ يعني فرد پاڻ کي گهٽ ڪري ازلي قوت سان لاڳاپو قائم ڪري ٿو ۽ ان ۾ ئي هن کي پناهہ ملي ٿي.
ناليواري ليکڪ رسل ڊسپيررس تہ ان حد تائين بہ چيو آهي تہ جيڪڏهن خدا موجود آهي تہ اسان انجا زرڙا آهيون.

If God exists, we are atoms of that, almost infinite Being and without doubt among such atoms those who think do exercise an action upon the evolution of God. (3)

ٻي پاسي تصوف ۾ تہ مخلوق کي خدا جو خاندان سڏيو ويو آهي.
”الخلق عيال الله“(4)

پر فرد پاڻ کي ان ذات جي اڳيان هميشہ هيٺو محسوس ڪيو آهي ۽ ان در تان ڏڏ تي ڏان گهري ٿو.

ڏُڏُ تي ڏانُ گهُريج تُون، ڇَڏي وِجا ڄِي وائِي،
سَيَرَ راتِ سَنباهِيا، تازي تو لائِي،
جو جاٺي نَ ڪائي، تِنهن سين پيلي ڏٺيءَ ٻاجهہ ڪي.

توڙي جو دنيا جا فلسفا ان ڳالهہ تي يقين رکن ٿا تہ پائيدار امن جنگ ۽ جستجو کان سواءِ ممڪن ناهي، ڇاڪاڻ تہ پرماري قوتون تيستائين پُر امن قومن کي امن سان رهڻ نہ ڏينديون جيستائين انهن کي اها خاطري نہ ٿي وڃي تہ هو پنهنجو بچاءُ ڪري سگهن ٿيون. پنهنجو بچاءُ توڙي جي جنگ جي ئي هڪ صورت آهي، پر ان ۾ ڪنهن جو حق ڦرڻ وارو عنصر موجود ناهي هوندو. شاهہ لطيف جڏهن ’هڻ پالا وڙهہ پاڪرين‘ جو درس ڏئي ٿو تہ ان ۾ حملي جو عنصر نہ بلڪ پنهنجي بچاءَ جو عنصر موجود آهي. شاهہ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي توريون تلقينون ڪيون آهن انهن ۾ جاڳڻ/اوجاڳا ڪرڻ، همت ڪرڻ، جستجو ڪرڻ پڻ شامل آهي. هن وائيءَ ۾ پڻ ساڳي ڳالهہ آهي:

**وائي**

جاڳو يارا! جيڏيُون! پاڻَ پَرنجي،
جاڳو جوشان، جيڏيُون! پاڻَ پَرنجي.
هَلندي حَبيبَن ڏي، ويلو وِڃَ نہ ڪجي،

آهي موتُ مِڙنِ تي، گوڙيُون ڪيو گَجي،
اَجَلُ اِينـدُءِ اوچتو، جو سَدا تـو سُـجي،
آگو عيبَ آنهجا، ڍَڪِيا ڳُجهہَ ٻُجهي،
جيڪي وَهي وُجُودَ ۾، صاحبُ سو سَمُجهي،
*اَمَنُ آهـي اُن کـي، جـو مَـنجهہ اللهُ اَجهـي،*
جاڳو جوشان، جيڏِيُون!

امن کي الله جي اجهي سان منسوب ڪرڻ پڻ هڪ معنيٰ خيز استعارو آهي، جنهن ۾ ڀٽائي معنا جون نيون سرحدون متعين ڪيون آهن.

وِڙِي وِچ نہ پوءِ، هَتان جادَمَ جَڪري،
پيئي سو پُر ٿِئي، جو حاتَمَ پاسي هوءِ،
ڪَيفَ ڏاران ڪوءِ، جِيئي ڪو مَ جهَانَ ۾.

ڪيف کان سواءِ جهان ۾ جيئڻ ضرور ڏکيو هوندو. پوءِ اهو ڪيف مذ جو هجي يا علم جو، يقينن اهو ڪيف علم ۽ ڏاهپ جو ئي هوندو.

ڀٽائي گهڻ رخو شاعر آهي، سندس هر رخ عظيم ۽ اعليٰ آهي. شاهہ جو رسالو هڪ اهڙو دستاويز آهي، جنهن کي پيار، امن ۽ محبت جو مينيفيسٽو پڻ سڏي سگهجي ٿو.

”شاهہ سائين جو سمورو رسالو سون ورنين سٽن سان سٽيو پيو آهي. رسالي جا ٽيهہ ئي سر روشنين، رهنماين ۽ خوشبوئن سان پريا پيا آهن. رسالي مان سوين روشن سج نڪرندي محسوس ٿين ٿا. اها سندس خيال جي بلندي ۽ پاڪائي آهي جو ورهين پڄاڻان بہ سندس پيغام جيئن جو تيئن اثر انگيز ۽ دل آويز آهي. اهڙي ريت شاهہ سائين جي رسالي سان لنو لائيندڙ لطيف شناس جهڙوڪر دنيا شناس ٿي پون ٿا. هو پڻ ڪري ۽ ڪوٺي جي پرک ڪرڻ لڳن ٿا. ڇاڪاڻ تہ مٿن ڀٽائيءَ جي عظيم ڏاهپ جو هٿ رهي ٿو. اها سندس ڪلام جي خوبي آهي جو اڄ هر سنڌي، هر علم ۽ ادب دوست وٽائنس محبت ۽ ميٺ سان گڏ سونهن ۽ سچاڻ جو سبق وٺي ٿو.“(5)

شاهہ سائين جي شاعريءَ ۾ عالمي امن جو ذڪر آهي، هو سڄي عالم انساني تہ ڇا بلڪ چرند، پرند ۽ فطرت سان بہ امن جو تمنائي آهي.

هتي سڀ کان پهريان تہ اهو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ٻيو ڪير آهي؟ پنهنجي وجود کان سواءِ هر وجود ٻيو ۽ غير آهي. جتي ڀٽائيءَ خدا سان امن جي ڳالهہ ڪئي آهي، اتي هو ٻين سان بہ امن چاهي ٿو. ٻين سان امن صرف 'هيناهين هلڻ' ۾ ممڪن آهي. يا ٻين جي سخت لهجي جي موٽ ۾ نرم لهجي سان مخاطب ٿيڻ سان بہ ٻين سان امن ممڪن ٿي سگهي ٿو.

ڪو جو آهِس ڪوڙُ، ٻاروچاڻيءَ ذاتِ سين،
جي هو چُونِس ”ٻوڙُ“، تَہ ”جِيُ“ سُڻائي جَڳَ ڪي.

يعني هن ڪي ٻاروچاڻيءَ ذات سان ڪا اهڙي انسيت آهي، محبت، ڪوڙ، ماڻو ۽ پنهنجائپ آهي، جو اتان سڏ جي عيوض ’قوت‘، ’دڙود‘ يا ’ٻوڙ‘ ٿي مليس تڏهن بہ جڳ کي اهو پئي ٻڌائي تہ ڪيس ’جيءُ‘ ۽ ’ڀليڪار‘ ملي آهي. ٻين سان امن اهڙي روش هلڻ سان ممڪن آهي. پرشرط آهي تہ ٻيا توهان جي وجود کان سواءِ تہ ڀلي ٻيا هجن پر ڏاريا نہ هجن، ’ڏريان ئي ڏاريا، مٺ مٺيءَ جا نہ ٿيا‘ اهڙا ٻيا يقينن پنهنجا نہ ٿيندا ۽ انهن سان ڀٽائيءَ امن بدران جنگ جي ڳالهہ ڪئي آهي، ’هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين‘ جو ڏس انهن لاءِ ئي ڏنل آهي. پنهنجن لاءِ تہ هو چوي ٿو، ’هو چوني تون نہ چئو، واتان ورائي‘، يعني ڀٽائي پنهنجن سان امن ٿو چاهي.

ڀَلِي ڪَري ٿِيوم، هِيءَ سَڱَ ٻاروچَن سين،
وَڃِي ڪيچ ڏِنوم، پُٺِيءَ لَڳِي جَن جي.

—

اَڏِيُون ڪا اِيندي، ڇَپَرِ مُون سَڱَ ٿِيو،
لائِيندِيَس لِڱَن کي، مَلِيران ميندي،
وِندُرِ آئُون ويندي، آريءَ جامُ اَجهو ڪَري.

—

سَردي سالِمُ نَہ رَهان، گَرمِيءَ ٿِيان گُداز،
اَمُنُ ڏيج اَمانَ تُون، سائِلُ هَٽي ساز،
رباٻِيءَ کي راز، خالِصُ ڏيج خَلِيلَ جو.

سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ ’توسان منهنجي سهڻل سائين رهجي اچي شل...‘ جهڙو استعارو ملي ٿو، جنهن ۾ محبوب سان رهجي اچڻ وارو خيال اصل ۾ محبوب سان امن قائم ٿيڻ ڏانهن اشارو آهي.

ڀٽائيءَ جون بہ سيئي سورميون پنهنجن محبوبن سان امن چاهين ٿيون.

هو محبوبن جي ڇانوَ ۾ رهڻ چاهين ٿيون، انهن جي حفاظت ۽ تحفظ ۾ رهڻ چاهين ٿيون. هو انهن کان ڏار رهڻ نٿيون چاهين، ڇاڪاڻ تہ سندن خيال آهي تہ هو جيڪي پنهنجي ڪانڌ کان پري آهن، اهي غير محفوظ آهن.

سَرديءَ سالِمُ نَہ رَهان، ڪوسِي سَهان ڪَانَ،
اَمُنُ ڏيج اَمانُ تُون، دُور ڪَري ٻِيا دانَ،
پانڌَپ! ڪائِي پانَ، وِڃهج پِڪَ پينارَ تي.

نہ صرف پيتائيءَ جون سورميون امن جون متلاشي آهن بلڪ هن جا پيا ڪردار بہ ساڳي تمنا ۾ خواهش رکن ٿا.

تـو دَر آيُـسِ راڄِـيـا، هِـهَـڙو وَڻـي حـالُ،
اُونـائـيـڄ عَـلِـيـلَ جـو، سَـڀـاجـهـا! سُـوالُ،
اَڱـڻِ مَـتـي آنـهِـنـجـي، ڪَـهـي ڪـي قَـوالُ،
يَـلا! ڪَـري يـالُ، اَمُـنُ ڏِيـو اُنَ ڪـي.

—

تـو دَرِ آيُـسِ راڄِـيـا، ڀِـيـا دَرَ ڪَـري دُور،
سـائِـلُ ٿـو سَـيـنَ هَـٽـي، هَـردَمِ اُن حُـضُـور،
ڀِـيـو نَـہ مَڱِـي مُـور، اَمُـنُ ڏيـو اُنَ ڪـي.

ڇا اسان وساري سگهون ٿا تہ اهو امن جي خيرات گهرندڙ ڀيجل راءِ ڏياچ جو سر ڪيئن وٺي ويو. لاشڪ پيتائيءَ جا ڪردار هر لحاظ کان اهم ۾ اتم آهن.

سهسين شُڪرانا، ڪوڙيين يالَ ڪَرِيمَ جا.
حَمدَ چَئج حَڪِيمَ ڪي، جورِ هَٽِي جانا،
ڪـوڙيـيـن يـالَ ڪَـرِيـمَ جـا.
تـائِـبَ ٿِـيـو تَـڪِـڙا، جـوشـان، جُـوانـا،
ڪـوڙيـيـن يـالَ ڪَـرِيـمَ جـا.
***تَـہ لَـهـيـن تُـون لَـطِـيـف ڪـان، اَمـنُ اِيـمـانـا،***
ڪـوڙيـيـن يـالَ ڪَـرِيـمَ جـا.

—

يَـرَمُ يـاروڙيءَ رَهـي، جِـنـهـن آڇِـي اُن!
تَـہ ٻُـڻِ ويـڻِـي وِنـڏِيـان، تـوڙي پُـونِـسِ ٽُـنَ،
غافِلِ رَڪُ غَـرِيـبِ ڪـي، عُـمَـرَ! مَـنـجـهِ اَمُـنَ،
سَـرَتِـيـن سـاڻِ سَـمُـن، آهِـمِ اُٽِـي مِـيـنـهَـڙيـن.

—

هِـنَ پـارَ، نـہ هُـن، ويـچـاري وَهـہَ وچ ۾!
نِيَـچُ نِـهـاري نَـہ گِـهـڙي، تِـنـهـن ۾ پِـيَـسِ ٽُـنَ،
اَللهُ سـاڻُ اَمُـنَ، اران ڪِـنـهـن اُڪـارِيـيـن.

فطرت سان امن پڻ تمام گهڻو اهم آهي، توڙي جو فرد فطري لقائن ۾ انيائن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ڊگهو جدوجهد ڪئي آهي. انسان ٻوڏن، زلزلن، برساتين، ڳڙن، وڏ ڦڙن، جهڪن ۾ جهولن کي منهن ڏيندي جهڙوڪر فطرت سان مهاڏو اٽڪائيندو

رهيو آهي. پر اهو مهاڏو جڏهن غير فطري طريقن سان اتڪائجي ٿو تہ فرد اجا وڏيڪ ڏوجهرن جو شڪار ٿي پوي ٿو. پوءِ پوپ جهڙي ماڻهوءَ کي بہ امن جي عالمي ڏينهن تي هيءُ بيان ڏيڻو ٿو پوي تہ،

"In our day, there is a growing awareness that world peace is threatened not only by the arms race, regional conflicts and continued injustices among peoples and nations, but also by a lack of *due respect for nature*, by the plundering of natural resources and by a progressive decline in the quality of life."(6)

يعني اڄ عالمي امن کي جتي هٿيارن جي ڊوڙ مقامي جهيڙن ۽ وڳوڙن مان خطرو آهي اتي فطرت کي گهربل آبرو نہ ڏئي ڪري اسان فطري حوالي سان هڪ وڏي پونچال ۾ گهيرجي رهيا آهيون ۽ اسان کي وڏو خطرو فطري حادثن ۽ واقعن مان آهي، جنهن سان زندگي هڪ نئين ڏچي ۾ پئجي سگهي ٿي. پر ڀٽائيءَ وٽ فطرت سان جنگ ۽ جهيڙي بدران امن جو درس مليو ٿو. شاهہ سائينءَ جي شاعري فطري منظرن جو هڪ اهڙو اظهار آهي، جنهن ۾ هر هنڌ فطرت پنهنجي شفقت ۽ رنگينين سان هم ڪنار نظر اچي ٿي.

چاهَڪَ چَرِي تارِ تَري، آيُون مَٿي ڪُنَ
ڪوڙيين ڪَرَ ڪَٺِندِيُون، ساهَڙَ جي سَمُنَ،
مينهون ساڻُ اَمُنَ، پَرچِي پارِ لَنگِهندِيُون.

فطري منظرن ۽ مظهرن جي حوالي سان شاهہ سائين جي شاعريءَ ۾ سمنڊ، پهاڙ، مينهن، ميهوڳيون، جهڪون جهولا سڀ فرد جا فطري دوست ٿي سامهون اچن ٿا. شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ سمنڊ ۽ پهاڙ يا ڏونگر تہ ڏيندڙ ۽ عطا ڪندڙ جي حيثيت سان ملن ٿا. پر اها عطا ڪجهہ جاکوڙ جي گهرجائو بہ آهي.

جيڪو ڏُٺُ ڪَري، تہ ڏُونگَرُ ڏورَڻُ ڏاکُڙو،
ڇَپَرُ ڪِينَ ڏِئي، سُوکَڙِيُون سُتَنِ کي.

يعني جبل يا پهاڙ سوکڙيون تہ ڏئي ٿو پر انهن کي جيڪي ڏونگر ڏورين ٿا. هو ستن کي ڪڏهن بہ سوکڙيون نٿو ڏئي. فرد فطرت کان ڌار ناهي، هو ان جو حصو آهي، ان ڪري هو ان سان هم آهنگي جي گهرجائو آهي.

…"In one sense, every thing is a part of nature for there is a sense in which nature is just the totality of every thing." (7)

يعني ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ ڪنهن نہ ڪنهن ريت فطرت سان سلهاڙيل هوندي آهي. بلڪہ فطرت تہ شين جي ڪليت جو نالو آهي. جڏهن سڀ ڪجهہ فطرت جي ڏور ۾ ٻڌل آهي تہ فطرت سان پيار اصل ۾ فرد جو پاڻ سان پيار آهي. هو

فطري لقائن جي خدمت ڪري ٿو.

سمنڊ جي حوالي سان تہ پٽائي ان جي سيوا ۽ خدمت جي ڳالهہ ڪئي آهي. هو چوي ٿو سمنڊ جي سيوا يعني خدمت ڪيو ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ڪيترا ئي املهہ خزانا آهن، جيڪڏهن توهان سمنڊ جي خدمت ڪئي تہ هو توهان کي پري ڇڏيندو، پُر ڪري ڇڏيندو.

سيوا ڪَرِ سَمُنڊَ جِي، جِتِ جَرُ وَهي ٿو جَال،
سَئين سُپجُن سَمُنڊَ ۾، ماڻڪَ، موتي، لالَ؛
جي ماسو مِليئِي مالَ، تہ پُوڄارا پُرِ ٿئين.
سي پُوڄارا پُر ٿِيا، سَمُنڊُ سيوِيو جَنِ،
آندائون عَمِيقَ مان، جُوتِي جَواهَرِنِ،
لَڌائُون لَطِيفُ چئي، لالُون مان لَهرِنِ،
ڪانهي قِيمَتَ تَنِ، مُلُ مَهانگو اُنِ جو.

يعني سمنڊ جيڪو فطري جمال ۽ جلال جو هڪ وڏو اهڃاڻ آهي، شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ سمنڊ سان امن صرف ان ڳالهہ ۾ آهي تہ ان جي خدمت ڪئي وڃي، ان کي نذرانو ڏنو وڃي، ڏيئا ٻاري ان ۾ لوڙهيا وڃن ۽ موٽ ۾ سمنڊ ٻين سوکڙين سان گڏ انهن سامونڊين کي بہ موٽائي آڻيندو جيڪي شڪار سانگي سمنڊ ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويا آهن.

جَنِين ڪارڻِ مُون، ٿي تَڙَ پُوڄارا پُوڄِيا،
پُنِيَمِ اُميدُون، سيئي سَجَڻَ آئِيا.

—

وائُنتِيُون ٿِيُون وَرَڪَنِ، اَجا سِڙَه نہ پَڌرا،
سيئي ٿِيُون مَرڪَنِ، جُنِين سَندا آئِيا.

—

ڪُوهَنِ سِرِ وانئتِيُون، وائُنتِينِ سِرِ ڳَنڍَ،
ڪيڙي ڪيڙي ڪَنڊ، ماءِ سامُونڊي آئِيا.

جن سمنڊ جي سيوا ڪئي آهي ۽ ڪٿوريءَ جا تحفا ڏنا آهن. سمنڊ موٽ ۾ انهن کي پنهنجا پيارا موٽائي ڏنا آهن. شاهہ سائين لڳ ڀڳ سڀني فطري منظرن سان امن جي ڳالهہ ڪئي آهي سواءِ درياهہ جي. درياهہ ڇاڪاڻ تہ سهڻيءَ کي ٻوڙيو آهي، ان ڪري شاهہ سائين ڪڏهن ان جي لاءِ سڪڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي تہ ڪڏهن ان تي ڏينهن قيامت جي دانهڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي.

واھڙ! وَهين مَ شال، سُڪِي ٻيلاتِيُون ٿِيين!
پَسان تُنهنجي پيٽَ ۾، لاٽا، لُوٽَ لِيارَ،
جِنهن تو سَيَ جمارَ، آسائِتيُون ٻوڙيُون.

واهڙ يا درياھ سان پٽائيءَ ائين گفتگو ڪئي آهي جڻ اهو ڪو سنڌس ڄاڻ سڃاڻ وارو هجي، هو ڪيس چوي ٿو، اي درياھ ايڏو اتامرو نہ ٿي سپاٽي توکي بہ ليکو ڏيڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ سدائين تہ سانوڻ نہ هوندو نہ.

واهَڙ! پِريُون مَ پاءِ، تو پُڻ ليکو ڏِيَڻُون،
سدا ساوڻِ ڏِينهَڙا، هِينئين نہ هَونداءِ
وِهاڻيءَ ويندائِ، اوڀَرَ اُتاهان لَهي.

پٽائي بنيادي طور تي تہ امن پسند آهي. پر هو عشق جي مامري ۾ قربانيءَ کي مان ڪان وڏيڪ سمجهي ٿو. اهو پڻ هڪ ڊگهو بحث آهي. آئون هتي صرف بہ بيت ڏيان ٿو. جن ۾ امن بدران عشق ۾ قرباني کي فوقيت حاصل آهي.

ڪاتِي تکِي مَ ٿئي، مَرُ مُنيائِي هوءِ،
مانَ وُرَمن توءِ، مون پِريان جا هٿڙا.

—

جان وڍئين تان ويهُ، نہ تہ ونيو واٽ وانءُ تون،
هِيءُ تَنين جو ڏيهُ، ڪاتِي جَنِين هٿَ ۾.

## نتيجو

شاھ سائينءَ جي شاعري امن جي حوالي سان هڪ اهڙو دستاويز آهي، جنهن ۾ امن جون ڪيترين ئي صورتون موجود آهن. هو انسان کي خدا ۽ فطرت سان بہ پُرامن ماحول ۾ ڏسڻ ٿو چاهي تہ هو انسان کي انسان سان بہ پُرامن رهڻ جي ڳالھ ڪري ٿو. تان جو هُن فرد کي پنهنجي پاڻ سان بہ پُر امن رهڻ جي ڳالھ ڪئي آهي. جيئن فرائيڊ جو چوڻ آهي تہ فرد جيڪڏهن سڌي يا اڻسڌيءَ طرح پاڻ کي ٿوري بہ تڪليف ڏئي ٿو تہ اهو جهڙو ڪر پنهنجي پاڻ سان دشمني ٿو ڪري. شاھ سائين پاڻ سان دشمني نہ بلڪ دوستي ۽ امن قائم رکڻ جي ڳالھ ڪئي آهي. شاھ سائين فطري قدرن جو تمام وڏو شاعر آهي ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ هر وڏي قدر وانگر امن کي بہ اهم جاءِ مليل آهي. هو نہ صرف فرد جي خوشحالي چاهي ٿو بلڪ هو، ”دوست منا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين“ جهڙي آفاقي سٽ چئي پاڻ کي عالمي امن ۽ خوشحاليءَ جو پيغامبر ڊڪليئر ڪري ٿو.

نوٽ: مقالي ۾ ڪتب آيل بيت ۽ وايون علامہ آءِ آءِ قاضي جي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي تان ورتيون ويون آهن.

## حوالا:


1. https://www.brainyquote.com/quotes/quotes/d/desiderius133928.html
2. Graham Billy, Peace with God, w publishing group united states of America, 1952, page, 3
3. The Art World, Vol. 1, No. 3 (Dec., 1916), pp.224
4. تاريخ تصوف ، پروفيسر يوسف سليم چشتي دارالڪتاب، اردو بازار لاهور، صفحو:13
5. شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو جديد اڀياس، ڊاڪٽر شير مهراڻي، سوجهرو پبليڪيشن ڪراچي، 2014ع ص، 131
6. https://w2.vatican.va/content/john-paul-ii/en/messages/peace/documents/hf_jp-ii_ mes_ 19891208_xxiii-world-day-for-peace.html
7. The Aesthetic Appreciation of Nature, Malcolm Budd, Oxford university press, N. York 2002 pp.2